# A

**abnormal**: غير رواجي. ڪنهن به مخصوص سماجي يا ذهني سرشتي جي عام ڍانچي سان مطابقت نه رکندڙ؛ رائج، استعمالي ۽ سراسري حالتن کان هٽيل.

**abolition**: رد ڪرڻ؛ خاتمو.

**aborigine**: اصلوڪو رهواسي.

**abortion criminal**: مجرمانه نسقُلتا. (شروعاتي 28 هفتن تائين غيرقانوني نموني هٽرادو طريقن سان ٻار ڪيرائڻ).

**absolute divorce**: مڪمل طلاق. (قانوني طرح شاديءَ جو خاتمو ۽ ٻنهي ڌرين کي ٻي شاديءَ جي اجازت).

**absolutism**: مطلق العناني. (قومي حڪومت جو قسم جنهن ۾ اقتدار اعليٰ، آئين يا آئين کان سواءِ، هڪ شخص يا هڪ خاص گروهه جي هٿ ۾ هجي).

**abstinence, marital**: پرهيز، ازدواجي (ڪن حالتن يا سببن ڪري ازدواجي پرهيز يا شاديءَ کان پاسو).

**abundance**: گهڻ ليپي؛ مادي گهرجن، فرحتن ۽ ننڍڙين آسائشن جي ڪافي مقدار ۾ رسد، جا سني زندگيءَ لاءِ مادي بنياد فراهم ڪري.

**acceleration of social change**: سماجي تبديليءَ جي تڪڙ يا سماجي تبديليءَ جي رفتار ۾ واڌ.

**acclimatization**: سماجي ماحول يا قدرتي ماحول سان مطابقت وارو سلسلو. (جنهن موجب لڏي ايندڙ، نئين ملڪ جي آب هوا سان مطابقت قائم ڪري ذهني ۽ سماجي طرح نئين سماجي ماحول سان ٺاهه ڪن).

**accommodation**: ٺاهه. (لاطيني جو 'accommodatio' مان ورتل جنهن جي معنيٰ آهي 'to fit' يا "ٺهڪي اچڻ".) اهو سماجي سلسلو جيڪو سماجي تڪرار کان بچڻ، تڪرار کي گهٽ ڪرڻ يا تڪرار جي خاتمي لاءِ فردن ۽ گروهن جي فعلي لاڳاپن ۾ شعوري يا لاشعوري طرح قيرقار آڻي.

**accommodation, creative**: ٺاهه، تخليقي (شعوري ۽ هٽرادو ڪوشش سان ٺاهه وارو عمل).

**accommodation, dynamic**: ٺاهه، متحرڪ (اهو ٺاهه جو ٿوريءَ ريڙهه پيڙهه ۽ تبديليءَ سان عمل ۾ اچي).

**accommodation group**: گروهي ٺاهه. (اهو سماجي سلسلو جنهن ۾ ٻين عملن هيٺ ايندڙ گروهه پنهنجي تنظيم، ڪرت ۽ حيثيت ۾ حالتن موجب قيرقار ڪري).

# Z

**zadruge**: سلاوڪ ٻوليءَ ۾ گڏيل ڪٽنب جو نالو، جنهن جي سربراهي خاندان جو بزرگ مرد يا عورت ڪندا هجن. اڄ ڪلهه هي لفظ امداد باهميءَ جي انجمنن لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

**zamindar**: زميندار- مغلن جي دور ۾ هندستان ۾ ڍل ڀريندڙ آبادگار، جيڪو سرڪار پاران مليل ايراضي تي زمين پوکيندو هو ۽ سرڪار کي سالانه هڪڙي مقرر رقم ادا ڪندو هو. جڏهن ته برطانوي دور ۾ مقامي زميندار جي قبضي هيٺ زمين تي برطانوي حڪومت کي ٽيڪس ادا ڪندو هو.

**zamindari abolition, act**: هندوستان ۾ آزاديءَ کان سُتت پوءِ سمورين زميندارين کي ختم ڪيو ويو. سواءِ مخصوص زميندارين ۽ شڪار گاهن جي ۽ پاڪستان ۾ به اهو قدم کنيو ويو.

**zealot**: پيرو؛ متشدد؛ سرگرم- ڪٽر ۽ تعصب جي حد تائين جانبدار، ڪٽر يهودي گروهه جو فلسطين ۾ رومي ماڻهن جي موجودگي ۽ انهن جي حاڪميت ۽ اثر رسوخ جو شديد مخالف هو.

**zen**: زين- چين ۽ جاپان ۾ موجود مهايان- ٻڌ ڌرم جي هڪڙي صورت، جنهن موجب نرواڻ يا ڇوٽڪارو ڪتابن بجاءِ ضبط نفس، گيان ڌيان، ۽ وجدان جي ذريعي ممڪن آهي.

**zend**: ايرانين جي قديم ٻولي.

**zend Avesta**: پارسين جو پاڪ ڪتابُ 338 کان 309 ق. م ڌاران جو.

**zero population growth**: ٻڙي آبادياتي واڌ- آبادياتي طريقه ڪار جنهن ۾ آباديءَ کي حد ۾ ڪرڻ لاءِ صرف ٻن ٻارن پيدا ڪرڻ لاءِ والدين کي اُپاريو وڃي.

**zeus**: زيوس- يوناني ڏند ڪٿائن ۾ سيني ديوتائن جو سربراهه ۽ پيءُ.

**ziggurat**: زڪورت- قديم بابلي ۽ اشورين جو گهڻ منزلو مندر جو اهرام جيان مينار جي شڪل ۾ ٺاهيو ويندو هو ۽ ان جي چئني پاسن کان گولائيءَ ۾ هڪڙي ڏاڪڻ ٺاهي ويندي هئي.

**zinjanthropus**: اها آڳاٽي انساني جنس، جنهن جي سڃاڻپ ٽانگانيڪا مان ملندڙ انهن پنڊپهڻن مان ڪئي وئي، جي ويهه لک سال آڳاٽا تصور ڪيا وڃن ٿا.

**zion**: صيهون- يروشلم جي هڪ ٽڪريءَ تي، حضرت دائود عليه السلام جي عبادت گاهه ۽ محل قائم هوندا هئا، جيڪي قديم چونڊ ماڻهن جي عبادت جا مرڪز هئا.